شاه جي رسالي جي

سر سارنگ جي موسيقي

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

ڪنهن شئي جو نالو ان جي ماهيت جي ترجماني ڪندو آهي. ڪنهن شاعر جي ڪلام ۾ ڪا صنف، ڪو حصو به ائين ئي پنهنجي مقرر نالي جي نمائندگي ڪندو آهي. شاه صاحب جهڙي شاعر جي سرن ۾ به اها خاصيت سمايل آهي، جو اڪثر جا نالا معنيٰ مطابق آهن ۽ ڪي وري ڪنهن مخصوص قصي سان واسطو رکن ٿا. ڪن سرن جا نالا راڳ سنگيت جي مناسبت سان آهن.

جڏهن شاه صاحب پنهنجي ڪنهن خاص سر کي هڪ خاص نالي سان سڏي ٿو ته اهو ڪو اتفاقي امر نه آهي. نه ڪو ڪنهن ڳويي جي صلاح جي ڪري ائين ٿيو آهي. بلڪ بيتن جي سٽاءَ ان راڳ راڳڻيءَ ۾ موزون هجڻ جي ثابتي ڏي ٿي. هن مقالي ۾ آءٌ ان ڳالهه تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪندس ته شاه جي بيشتر سرن جو سنگيت ڪنهن به ريت مروج هندوستاني موسيقيءَ کان ڪٽيل نه آهي ۽ فقط ظاهري مضمون، لفظن ۽ معنيٰ جي ڪري شاه صاحب ڪنهن سر تي نالو نه رکيو آهي.

ڊاڪٽر موتيلعل جوتواڻي پنهنجي تحقيقاتي مقالي ۾ شاه صاحب جي راڳ کي گهٽ اهميت ڏني آهي. هو لکي ٿو: "هن جا سر مڪمل راڳ نه آهن. شاه جا سر انهن بيتن ۽ واين جي لفظن ۽ معنيٰ تي آڌاريل آهن، جيڪي حقيقي معنيٰ ۾ ڪلاسيڪي [راڳ] نه آهن" [١].

هن مان ڊاڪٽر جوتواڻيءَ جي مراد اها آهي ته شاه جا سر راڳ ڪونه آهن- سندس چوڻ موجب حقيقي معنيٰ ۾ ڪلاسيڪي راڳ نه آهن. هن معاملي جي صفائي لاءِ شاه جي رسالي جي سرن جو تفصيل ڏيڻ کپي: جو ان ۾ سترهن سر ته اهڙا آهن، جن تي ڪلاسيڪل راڳ ۽ راڳڻين جا نالا به آهن. (ڏسو ضميمو پهريون). جوتواڻي صاحب فقط بيتن جي صورت کي ڏٺو آهي ۽ پٽ جي راڳ جي عملي مظاهري کان واقف ڪونه

آهي. هن سلسلي ۾ جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي ڪتاب، ”سنڌي
موسيقيءَ جي مختصر تاريخ“ ۾ مڪمل طور رهنمائي ڪري ٿو. شاهه جي
راڳ جي انفرادي حيثيت ٽوڙي ان جي ڪلاسيڪي راڳ سان تعلق
تي بحث ڪري ٿو. (٢)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي تحقيق ۾ شاهه جي راڳ جي مختلف
پهلوئن جي سمجهائي ڏيندي، سنڌي موسيقيءَ جي ابتدا، هندوستاني ۽ سنڌي
موسيقيءَ جي تعلق ۽ سلسلي، قديم دؤر کان وٺي شاهه جي راڳ، راڳ جي
سلسلن ۽ رهنما فقيرن، ڪافيءَ جي ڳائڪي، ڳڀڻن، فقرائي سنگ، سماع، ذڪر،
مولود ۽ سنڌ ۾ ڪلاسيڪي انداز جي ڳائڪي ۽ ڳوين جي گهراڻن جو
ذڪر تفصيل سان ڪيو آهي. خاص باب ۾ ڊاڪٽر صاحب، سائين غلام
شاهه جي ڳايل راڳ جي آروهي آوروهي، استاد منظور علي خان جي مدد
سان ڏئي ڪرڻ جي سهڻي ڪوشش ڪئي آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو
هي ڪتاب پنهنجي موضوع تي هڪ اهم دستاويز آهي. هن سلسلي ۾ منهنجا
ڪي معروضات به آهن، جيڪي اڳتي هلي پيش ڪندس. هتي سردست
ڊاڪٽر جوتوانيءَ جي شروع ۾ ڏنل راءِ سان پهرين بحث ڪري صورتحال
واضح ڪندس. جوتواڻي صاحب جي راءِ کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ شاهه جي
راڳ بابت بلوچ صاحب جي تحقيق ڪافي آهي. ان سان سرن جو تفصيل
۽ انهن جا نالا ڪلاسيڪل راڳ سان منسلڪ هجڻ جي پوري دلالت
ڪن ٿا. هڪڙي ٻي ڳجهارت جنهن کي ڪڪڙ اڳ يا آنو اڳ واري
ڪهاڻيءَ سان پيش ڪجي ٿو، سا هيءَ آهي ته ڪلاسيڪل راڳ اڳ
يا عوامي گيت (folk songs) جون ڌنون اڳ؟ هن مسئلي سلجهائڻ لاءِ
ڪهڻي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. خود ڊاڪٽر جوتواڻي، محترمه شانو ڪرانا
جي هڪ مقالي مان هيٺيون حوالو ڏئي ٿو. ”اهو صحيح آهي ته راڳ
ڪلاسيڪي موسيقيءَ جو بنياد آهن، پر تازو راجستاني عوامي سنگيت بابت
پنهنجي کوجنا دوران مونکي معلوم ٿيو ته لفظ راڳ مڪمل طور
ڪلاسيڪي موسيقيءَ جي ڪتب سان نه آهي. ڳوٺن جا رهاڪو ڳائيندا
گوند، ملهار، توڙي، ڪماچ، مارو، آسا، ماند، ڪافي ۽ سورٺ جا نالا کڻ
آئين ٿا. اها هن نتيجي تي پهتيس ته هي لوڪ راڳ لاءِ، جنهن اها ان کي
سڃاڻان ٿي. ڪن خاص سرن (notes) تي فقط ان کي ٻين راڳن کان جدا
ڪرڻ لاءِ خاص زور رهيو. (٣)

شانو ڪرانا جي هن حوالي سان ائين ظاهر ٿيو ته لوڪ راڳ ڪي به راڳڻين جي نالن سان سڏجي ٿو. ملتان اهي اڳ هجن ۽ پوءِ ڪلاسيڪي راڳ ۾ مستعمل ٿيون ان انديشي کي ڪلاسيڪي راڳ جي قدامت جي ڪهاڻي رد ڪري ٿي. ويدن جي زماني ۾ ڪڙي شاستر گنڌرو ويد، جو بيان اچي ٿو. جيڪو هاڻي اڻ لڀ آهي. (٤) ان ڪانسواءِ راڳ جي قدامت، شجري ۽ وڻ کي ڏسڻ سان اهو ثابت ٿئي ٿو ته لوڪ ڌنون پڪي راڳ، مان ڦٽي نڪتيون آهن. (ڏسو ضميمو پهريون)

گذارش آهي ته جيڪا هندوستاني راڳ مالا آهي سا ڏکڻ هند جي ڪرناٽڪي موسيقيءَ واري خطي کي ڇڏي سڄي وچ، اولهه ۽ اتر هند ۾ توڙي پاڪستان ۽ افغانستان ۾ مروج آهي. سنڌ جو واسطو به ان وسيع هندوستاني موسيقيءَ سان آهي ۽ خود آن ۾ سنڌ جو حوالو آهي. مقامي نوعيت جي ناتي ڪن اصولن تحت ان وسيع سنگيت لڙهيءَ ۾ سنڌ جي حصي (contribution) کي سنڌي پرڪاش سڏيو ويو. پنڊت نارائڻ ڀات ڪنڊي جيڪو چتر تخلص ڪندو هو، تنهن اهڙي مدلل ثابتي ڏني آهي. (٥) هو لکي ٿو: جنهن راڳ ۾ ڪومل رکب، تيور گنڌار، ڪومل ڌيوت ۽ تيور نکاد هوندو سو سنڌي پرڪاش جو هوندو. (٦) هن مان مراد هيءَ آهي ته جنهن راڳ راڳڻيءَ ۾ مٿين خصوصيت هجي ته آن جو تاريخيءَ تعلق سنڌ سان آهي، يا ان جا جزا سنڌي آهنگ ۾ منسلڪ آهن ۽ ان ڪري چئي سگهبو ته سنڌي راڳ ۽ هندوستاني ڪلاسيڪل راڳ جو ربط پڪو ۽ تاريخي آهي. راڳڻين جي نالن کي ڏسو ته آهي پنهنجي سڄي ايراضيءَ جي نشان دهي ڪن ٿيون. مثال: سنڌي ڀيروي، سنڌڙو، ملتاني، پنڊرابني سارنگ، ڪنڀوتي، بنگال ڀيروون وغيره.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي تحقيق ۾ تمام گهڻا تفصيل ڏنا آهن. آءٌ سندس هيٺين چند نڪتن تي پنهنجا رايا پيش ڪري آخر ۾ سارنگ جي سنگيت تي ايندس.

١- ڊاڪٽر بلوچ اڪثر راڳن جو ذڪر ڪندي فرمائي ٿو (برووڪيڏارو) انهن ۾ سنڌ ۽ هند جو فرق آهي- (ص١٢٤).

٢- بهاڳ جوهاڳ تي ڪو اثر ڪونهي وهاڳ مقامي راڳ آهي. (ص١٢٣).

٣- معذور ڪوهستان جو لوڪ گيت آهي (ص١٦١).

٤- سري راڳ توڙي سارنگ سنڌ توڙي هند جا مشترڪ راڳ

آهن. سري راڳ اصل لاڙ جو راڳ، آهي.(ص ١١٧).

نمبر ٻھريون هن بحث جو بنيادي نڪتو آهي. جنھن جو مضمون مٿي مختصر طور ذڪر ڪيو آهي. جنھن موجب سنڌ جو ڪي راڳ ۽ مصوبيشڪ آهي پر هڪڙي ٻالي وارو راڳ سنڌ ۾ هڪڙي صورت ۾ هجي ۽ هند ۾ ٻي صورت ۾ هجي اهو ممڪن ڪونهي. ڳاڻ واري اگر فرق ڪيو ته اها ان جي خامي آهي. اهو بلڪل ائين آهي، جيئن اڪثر سورٺ کي سنڌي راڳڻي مڃي ان جو هندي ٻالو "ديس" ڄاڻايو ويندو آهي. اهو صحيح نه آهي. هي ٻه علحدگيون راڳڻيون آهن. ٻئي هندوستاني راڳ مالا ۾ موجود آهن. آروهي اوروهي ۾ ٿورڙي فرق آهي.

سورٺ

آروهي:- ساري ماپاني سا
اوروهي: ساني ڌاپا ماري سا

ديس

آروهي : ساري ماپاني سا
اوروهي: ساني ڌاپا ماڳاري ني سا

(ڏسو ضميمون ٽيون)

ٻئي نمبر نڪتي لاءِ ٻه منھنجو ساڳيو عرض آهي ته راڳڻيءَ جي ٻالي ۾ تلفظ جو فرق آهي (وهاڳ - بهاڳ). ڳاڻ واري جي غلطيءَ جي ڪري راڳڻين جي اها تقسيم جوڳي نه آهي. اهڙي ريت، ٽئين نڪتي ۾ معذور کي ڪوهستان جو لوڪ گيت مڃڻ ۾ مس شانو ڪرانا وارو رايو ته غلط ڪونهي، پر ان ڪري معذوريءَ کي هڪ مقامي راڳڻي مڃڻ مناسب نه آهي.

نڪتي نمبر چوٿين ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب سري راڳ کي سنڌ جو لاڙي جو راڳ مڃيو آهي. ان لاءِ ڪا داخلي سند نه آهي ۽ ائين عملي طور ٻه سريءَ جو وقت سج لھڻ ڌاري آهي. لاڙو ان مھل ڪان اڳ ختم ٿئي ٿو. سري هڪ مول راڳ آهي. لاڙي جو لوڪ گيت ڪنھن اهڙي ٻالي سان اتفاقي طور هجي ته اها ٻي ڳالھ آهي.

سر سارنگ جو سنگيت سان بلڪل بنيادي رابطو آهي. اهو راڳ

مالا ۾ جڙيل آهي. ياد رهي ته راڳ مالا ۾ ميگهه هڪ مول راڳ آهي، جنهن جا ڪيترائي قسم آهن. (ڏسو ضميمون چوٿون)- ساڳي طرح ساڳئي تاثر ۽ وايو منڊل جي راڳڻي شڌ سارنگ آهي، جنهن جا به ڪيترا قسم آهن- (ڏسو ضميمون پنجون) برسات سان واسطو رکندڙ هي راڳ راڳڻيون ڪماچ، ڪافي، آساوري ۽ ڪلياڻ ٺاٽ ۾ مرتب ٿيل آهن (جن جا تفصيل ضميمن ۾ شامل آهن).

شاهه جي سر سارنگ جي سنگيت جي جيڪا کوجنا ٿي آهي، ان ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو ذڪر ڪيل ڪتاب اهم آهي. هن ۾ ڊاڪٽر صاحب راڳ ٻڌي سائين غلام شاهه ۽ استاد منظور علي خان جي مدد سان هي لکيو آهي:

"جن ميگهه ۾ ڌيوت جو سر لڳل- بندرابني سارنگ ۾ ٻئي نکاد لڳن، پر هن ۾ هڪ نکاد لڳي ٿو- ص ١٩٨.

اهو نتيجو اسان کي سارنگ جي سنگيت کي سمجهڻ ۾ مددگار آهي. ان کي اختيار ڪرڻ کان اڳ آءٌ بندرابني سارنگ ۽ شڌ سارنگ جي آروهي اوروهي بيان ڪندس جنهن ڪنهن حتمي فيصلي تي پهچجي.

بندرابني سارنگ

آروهي- ساري ماپاني سا

آروهي- ساني ڌاپا ماري سا

شڌ

آروهي- ساري ماپاني ني سا

اوروهي- ساني پاما ڌا پا ماري ساني سا (ڏسو ضميمون ٦)

شڌ جي آروهيءَ ۾ ٻه نکاد لڳن ٿا. جيڪڏهن ڳائڻ وارو پنهنجي تربيت ۽ نسل در نسل جي فرق ڪري ڪو سر بدلائي نٿو ڇڏي ته شاه جو سارنگ بندرابني سارنگ آهي.

جيڪا ڪافي ٺاٽ جي اوڊو ڪاڊو راڳڻي آهي. شاسترن ۾ هن کي فقط سارنگ به سڏيو ويو آهي. تال جي لحاظ کان واين جو آڌار ترپد تي آهي. باقي تال جو ميدان ايان گهڻو وسيع آهي، ان کي هڪ يا ٻن تالن تائين محدود نه رکيو آهي.

شاهه جي رسالي جي سارنگ جي سنگيت بابت مون هيءُ پنهنجا خيال ظاهر ڪيا آهن. ڪو قابل استاد هن ڏس ۾ وڌيڪ رهنمائي ڪندو

تہ انشاءالله شاهہ جي سرن جي موسيقيءَ تي ظني رايا نہ پر حتمي فيصلا ڪري سگهبا.

آخر ۾ آءٌ پنهنجو ڪيل نتيجو وري ورجائيندي عرض ڪندس تہ شاهہ جو سارنگ موسيقيءَ جي ترتيب موجب بندرابني سارنگ آهي، جنهن کي هندوستاني راڳ مالا ۾ فقط "سارنگ" بہ سڏيو ويو آهي.

ضميمون پهريون

(الف) هندوستاني راڳ مالا مان

ڪلياڻ (ڪليان)

يمن (ايمن)

ڪنبات (ڪنبوتي)

سريراڳ (سري)

سهڻي (سوهني)

ديسي (ديسي)

حسيني (حسيني)

ڪاموڏ (ڪامود)

ڪيڏارو (ڪيداره)

سارنگ (سارنگ)

سورٺ (سورٺ)

آسا (آساوري)

بروو (بروه)

رامڪلي (رامڪلي)

پورب (پوربي)

بلاول (بلاول)

ڌناسري (ڌناسري)

١٧

(الف) سترهن ئي سر راڳ
راڳڻين ۾ موزون
ٿيل آهن. راڳ مالا ۾
ٻرياتي جوڙ نالو آهي

(ب) مضمون مطابق ۽ بظاهر مقامي راڳڻين ۾ موزون ڪيل

سامونڊي
سسئي آبري
معذوري
ڪوهياري
ليلا چنيسر
مومل راڻو
مارئي
گهاتو
رپ
ڪاهوڙي
ڪاپائتي
ڪارايل
پرڀاتي
ڏهر

١٤
(ب) ڪوهياري ۽ راڻو تہ مقبول سنڌي راڳڻيون ليکجن ٿيون. پر هي سڀ سرڪن راڳڻين تي آڌاريل آهن.

(ج) رسالي جو ڌاريون ڪلام

بيراڳ هندي
هير رانجهو
پورب مارئي
سينهن ڪيڏارو (ڪيداره)
بسنت بهار (بسنت بهار)
بروو هندي چونڪو (بروه)
مثنوي

(ج) ڌاريون ڪلام آهي، پر ڏنگين ۾ آيل راڳڻين وارو ڪلام وڌيڪ ظاهر آهي.



مثيون راڳ جو وڻ صادق علي خان دهلوي جي ڪتاب قانون موسيقي ۾ باب علم سنگيت سال ١٢٨٦ هه موجب ڏنل آهي .

ضميمون ٻيون

ٺالو راڳڻي جو	آروهي سرگم	امروهي سرگم
شام	ساري * ما پا ڌي ني سا	سا ني ڌي پا مي ڱي ري سا
ڪامود	ساري * مي پا ڌي ني سا	سا ني ڌي پا ما ڱي ري سا

شام	ڪامود
١- ڪليان ٺاٽ جي راڳڻي آهي.	١- ڪليان ٺاٽ جي راڳڻي آهي.
٢- ڪاڊو سمپورن آهي.	٢- ڪاڊو سمپورن آهي.
٣- آروهي ۾ ڪنڌار ورج آهي.	٣- آروهي ۾ ڪنڌار ورج آهي.
٤- آروهي ۾ ٻئي مڌم ۽ پيا سپ تيور سر لڳندا	٤- آروهي ۾ سپ تيور سر ۽ نکاد ڪمزور لڳندي.
٥- امروهي ۾ سپ سرتيور لڳندا.	٥- امروهي ۾ مڌم ڪومل ۽ ٻيا سپ سرتيور لڳندا.
٦- وادي پنچم سموادي رکب	٦- وادي پنچم سموادي رکب.
٧- شروع رات جو ڳائجي	٧- سج لهڻ مهل ڳائجي.

تفاوت شام ۽ ڪامود جو

ٻئي هڪ جهڙيون راڳڻيون آهن. تفاوت فقط اهو آهي جو شام ۾ نکاد آروهي ۾ زوردار هئبو ۽ ڪامود ۾ ۽ نکاد آروهي ۽ ڪنڌار امروهي ۾ ڪمزور هئبو ته شام ۽ ڪامود الڳ الڳ نظر ايندا.

سورٺ	ساري – ما پا – ني سا سا نا ڌي پا ما – ري سا
ديس	ساري – ما پا ڌي ني سا سا ني ڌي ما ڱي ري ني سا

سورٺ	ديس
١- کماچ ٺاٽ جي راڳڻي آهي.	١- کماچ ٺاٽ جي راڳڻي آهي.
٢- اوڊو راڳڻي آهي.	٢- ڪاڊو سمپورن راڳڻي آهي.

٣- آروهي ۾ ڳنڌار ۽ ڌيوت ۽ آمروهي ۾ ڳنڌار ٣- آروهي ۾ ڳنڌار ورج آهي
ورج آهي.
٤- آروهي ۾ مڌم ڪومل آمروهي ۾ مڌم ۽ نکاد ڪومل ٤- آروهي ۾ مڌم
۽ باقي سر تيور لڳندا. ڪومل ٻئي نکادون باقي تيور سر ۽ آمروهي
۾ مڌم ڪومل ۽ باقي تيور سر لڳندا
٥- وادي رکب سموادي ڌيوت ٥- وادي رکب سموادي ڌيوت
٦- پوئين پهر رات جو ڳائجي ٦- پوئين پهر رات جو ڳائجي.

ضميمو چوٿون

نموني طور هن هيٺ ملهار ۽ سارنگ جي اُن مشهور ۽ مروج راڳن ۽ راڳڻين جو تفصيل ڏنو ويو آهي. ان تفصيل کي سمجهڻ لاءِ علم موسيقيءَ ۾ مروج اصطلاحن کي سمجهڻ ضروري آهي. اهي هي آهن.

آروه : سرگم ۾ هيٺان کان مٿي وڃڻ.

مثال: بنيادي سرگم سا ري گا ما پا ڌا ني (سا) (اصل نالا کرج – رکب – ڳنڌار – مڌم – پنچم – ڌيوت – نکاد – (کرج)

آوروه : واپس – مٿان کان سرگم کي هيٺ آڻڻ

وادي سر: جنهن سر تي گهڻو زور هجي- بادشاهه سر

سموادي سر: جنهن تي بادشاهه سر کان پوءِ ٻئي نمبر تي زور هجي (وزير وانگر)

انوادي سر: جيڪو گهٽ ورجائجي يا ڪم آئجي.

ووادي سر: اهو سر جيڪو راڳڻيءَ ۾ متروڪ هجي ۽ استعمال سان بگاڙي ڇڏي.

ٻرجت : ممنوع سر

وکر سر: اهو سر جيڪو تسلسل ۾ ڪم نه اچي

ڪومل : نرم سر (نرميءَ سان ڇهجي)

تيور: تيز سر (تيزيءَ سان ڇهجي)

راڳ شڌ ملهار

ٺاٽ : ڪماڄ
برن : اوڊو – اوڊو
آروه : ساري ماپا – ماپا ڌا سا
اوروه : سا ڌا پا ما ري سا
وادي سر : مڌم
سموادي : کرج (سا)
خاص تان : سا ما ري پا ڌا پا پا ما ري سا
وقت : برسات جي موسم ۾ هر وقت ڳائجي ٿو.

تفصيل : هن راڳ ۾ گنڌار ۽ نکاد برجت آهن. باقي سڀ سر شڌ آهن. هي بنيادي ڇهن راڳن مان هڪ آهي. ملهار جا ٻيا سڀ قسم هن مان تخليق ٿيا آهن. ڪماڄ ٺاٽ ۾ هي ئي هڪڙو راڳ آهي جنهن ۾ نکاد متروڪ آهن. حالانڪ ٻئي نکاد ڪماڄ ٺاٽ جي خصوصيت آهن.

راڳڻي گونڊ ملهار

ٺاٽ : ڪماڄ
برن : سمپورڻ – سمپورڻ
آروه : ساري گاما گاما ما پا ڌا ني سا
اوروه : سا ڌا ني پاري ما گاري گاري سا
وادي سر: مڌم
سموادي سر: کرج (سا)

خاص تان: ري گاما - ماپا ڌاني پاما - گاري گاري سا
وقت: مينهن جي موسم ۾ هر وقت ڳائجي ٿو.
تفصيل: هيءَ راڳڻي گوونڊ ۽ ملهار جي ملاوت سان بڻي آهي. شڌ ملهار ۽ گونڊ ملهار ۾ فرق هي آهي ته شڌ ملهار ۾ گنڌار ۽ نکاد ورجت آهن ۽ گونڊ ملهار ۾ ڪم اچن ٿا. هن ۾ سر وڪر ڪري لڳائجن ٿا. هن ۾ شروع ۾ گاما گاما ۽ آخر ۾ گاري گاري سا لڳائڻ کپن. ڪومل نکاد ۽ پنچم جي سنگت سبب راڳڻي وڌيڪ خوبصورت بڻجي ٿي. ٻئي نکاد اچن ٿا ۽ ٻيا سڀ سر شڌ آهن.

راڳڻي ميان ڪي ملهار

هن راڳڻيءَ ۾ ٻئي نکاد ڪومل ۽ باقي سر شڌ آهن. آروهه ۾ گنڌار ورجت آهي.
ٺاٺ: ڪافي
ورن: کاڊو - سمپورڻ
آروهه: سا ما ري پاني ڌا ني سا
اوروهه: سا ڌا ني پاما پاما گاما گاما پا ماري سا
واڌي سر: پنچم
سموادي سر: کرج (سا)
خاص تان: ماگا ماگا ما پا ما ما ري سا. ني ني پاني ڌاني ني سا.
وقت: رات جو يا موسم برسات ۾ هر وقت.
تفصيل: هيءَ راڳڻي مشهور موسيقار ميان تان سين جي ايجاد آهي. شڌ ملهار ۾ تبديليءَ سان ميان تان سين هيءَ راڳڻي ترتيب ڏني. ميان جي ملهار، ڪانهڙي جو هڪ قسم هئي ۽ هن ۾ ڪانهڙي جي ڪومل ڌيوت کي شڌ ڌيوت ۾ تبديل ڪري ان جو هي نالو رکيو ويو.

راڳڻي سورداسي ملهار

هن ۾ ٻئي نکاد ڪم اچن ٿا. باقي سڀ سر شڌ آهن. گنڌار ٻرجت آهي. آروهه ۾ ڌيوت پڻ ٻرجت آهي.

ٺاٺ : ڪافي
ٻرن : اوڊو - کاڊو
آروهه : سا ري ما پا ني سا
اوروهه : سا ني ڌا ما پا ني ڌا پا ماري ني سا
وادي سر: کرج (سا)
سموادي‌سر: پنچم
خاص تان: ني ڌا ما پا.ني ڌا پا
ونت : ڏينهن جو ٻيو پهر
تفصيل : هن راڳڻيءَ جو موجد هنديءَ جو مشهور شاعر ۽ سادو سورداس آهي. سارنگ ۽ ملهار جي ميل سان ٺهي آهي. کماچ ٺاٺ جي راڳڻي سورٺ سان ملي ٿي.

راڳڻي ميرابائيءَ جي ملهار

هن راڳڻيءَ ۾ ٻئي گنڌار، ٻئي ڌيوت ۽ ٻئي نکاد آهن. ٻيا سر شڌ آهن
ٺاٺ : آساوري
برن : کاڊو - کاڊو

آروهه : ني سا ري ما ري پا ني ڌا ني سا
اوروهه : سا ڌا ني پا ما پا گا ما پا گا ما ري سا.
وادي سر : مڌم
سموادي سر : کرج (سا)
خاص تان: ني سا ري ما ري پا گا ما پا گا ما ري سا.
وقت : برسات جي موسم ۾ هر وقت

تفصيل : آروهه ۾ ڪنڌار ورجت آهي. هيءَ راڳڻي آڌيور جي راڻي ميرابائيءَ جي تخليق ڪيل آهي. هوءَ شاعره هئي ۽ سنگيت ڪار به. شري ڪرشن جي محبت ۾ اهڙي حالت پنهنجو راڄ ڇڏي فقيري ويس ڍڪيائين ڪرشن جي عقيدت ۾ ڪيترا ڀڄن جوڙيائين جيڪي هوءَ خود ڳائيندي هئي. هن راڳڻيءَ جي آروهه ۾ ميان ڪي ملهار ۽ اوروهه ۾ آڏانه جهڙو آهي. شڌ ڪنڌار جو استعمال هن راڳڻيءَ کي آڏانه ۽ درباري ڪان علحدو ڪري ٿو.

مضمون پنجون

راڳڻي شڌ سارنگ

هن راڳڻيءَ ۾ ٻئي مڌم ۽ ٻئي نکاد ڪم اچن ٿا. باقي سڀ سر شڌ آهن. ڪنڌار ورجت آهي ۽ آروهه ۾ ڌيوت به ورجت آهي.

ٺاٺ : ڪافي
ورڻ : اوڊو ڪاڊو
آروهه : سا ري ما پا ني ني سا
اوروهه : سا ني پا ما ڌا پا ما ري سا ني سا
وادي سر : رکب

سموادي سر : پنچم
خاص تان : ري ما پا ني ڌا پا ما ري سا
وقت : ڏينهن جو ٻيو پهر
تفصيل : هيءَ راڳڻي شام ڪلياڻ ۽ سارنگ جي آميزش آهي. شام ڪلياڻ کان دور رکڻ لاءِ هن جي آروهه ۾ تيور مڌم سان گڏ شڌ مڌم به ڪم آڻجي.

راڳڻي گونڊ سارنگ

ٺاٺ : ڪلياڻ
برن : کاڊو – سمپورڻ
آروهه : ني سا گا ري ما گا پا ما ڌا پا ما پا سا
اوروهه : سا ني ڌا پا ما پا ڌا پا گا ري ما گا پا ري سا
وادي سر : گنڌار
سموادي سر : ڌيوت
خاص تان : ني سا گا ري ما گا پا ري سا
وقت : ڏينهن جو ٽيون پهر
تفصيل : هن راڳڻيءَ ۾ آروهه ۾ نکاد برجت (ممنوع) آهي. گونڊ سارنگ جو وڪر آروهه اوروهه کيس ٻين ملندڙ راڳين کان جدا ڪري ٿو. ممنوع هوندي به آروهه ۾ نکاد جو سر ڪم اچي ٿو. باقي سڀ سر شڌ آهن.

راڳڻي بندرابني سارنگ

ٻئي نکاد ڪومل، ٻيا سڀ سر شڌا آهن.

ٿاٽ : ڪافي

ٻرن : اوڊو - ڪاڊو

آروه : سا ري ما پا ني سا

اوروه : سا ني ڌا پا ما ري سا

وادي سر : رکب

سموادي سر : پنچم

خاص تان: ري ما پا ما ري ني سا

وقت : ڏينهن جو ٻيو پهر

تفصيل: آروه ۾ ڏيوت ۽ گنڌار، ۽ اوروه ۾ گنڌار برجت آهي. راڳڻيءَ کي سارنگ يا بندرابني سارنگ چئبو آهي. آروه ۾ شڌ نکاد ۽ اوروه ۾ ڪومل نکاد ڪم آڻبو آهي. هن راڳڻيءَ ۾ ٻئي نکاد ڪم اچن ٿا، جوڪا کماج ٺاٽ جي خصوصيت آهي. قاضي ظهورالحق صاحب لکي ٿو ته ”منهنجي راءِ ۾ هن کي کماج ٺاٽ ۾ ڳڻڻ کپي. هن ۾ ڪافي ٺاٽ جي ڪابہ علامت نظر نٿي اچي. ڪافي ٺاٽ ۾ ته گنڌار کي اهميت حاصل آهي.“

رهنماءِ موسيقي ص ص ٢٧٨ - ٢٧٩

ضميمون ڇهون

تفاوت سورٺ ۽ ديس جو

(١)

سورٺ جي آروهيءَ ۾ نکاد تيور کي زوردار ڪري لڳائبو ۽ ديس جي آروهيءَ ۾ نکاد تيور کي ڪمزور ڪري لڳائبو ته ٻنهي راڳڻيون هڪ ٻئي کان ڌار ڌار نظر ايندهون.

(٢)

سورٺ ۾ ساونت سارنگ جو ميل رهي ٿو ڇاڪاڻ ته سورٺ ۽ ساونت سارنگ ۾ فرق فقط سموادي سر جو آهي. سورٺ جو ڌيوت آهي ۽ ساونت سارنگ جو سموادي پنچم آهي.

ذالو راڳڻي جو	آروهي سرگم	امروهي سرگم
ساونت سارنگ	سا ري ما پا ني سا	سا نا ڌي پا ما ري سا
ٻندرابني سارنگ	سا ري ما پا ني سا	سا ني ڌا پا ما ري سا
گورسا رنگ	سا ري گي ما پا ني سا	سا ني ڌي پا ما گي ري سا

ساونت سارنگ

١- ڪافي ٺاٺ جي راڳڻي آهي.
٢- اوڊو ڪاڏو راڳڻي آهي.
٣- آروهي ۾ ڪنڌار ۽ ڌيوت ۽ امروهي ۾ ڪنڌار سر ورج آهي
٤- آروهيءَ ۾ فقط مڌم ۽ امروهي ۾ مڌم ۽ نکاد ڪومل (وڪر) ۽ ٻيا سر تيور لڳندا.
٥- وادي رکب سموادي پنچم
٦- ٻن پهرن ڏينهن جو ڳائجي.

ٻندرابني سارنگ

١- ڪافي ٺاٺ جي راڳڻي آهي.
٢- اوڊو ڪاڏو راڳڻي آهي.
٣- آروهي ۾ ڪنڌار ۽ ڌيوت ۽ امروهي ۾ ڪنڌار سر ورج آهي
٤- آروهيءَ ۾ فقط مڌم ۽ امروهيءَ ۾ مڌم ۽ نکاد ڪومل ۽ ٻيا سڀ سر تيور لڳندا.
٥- وادي رکب سموادي پنچم.
٦- ٻن پهرن ڏينهن جو ڳائجي.

گور سارنگ

١- ڪليان ٺاٺ جي راڳڻي آهي.
٢- ڪاڏو سمپورن راڳڻي آهي.
٣- فقط آروهيءَ ۾ ڌيوت سر ورج آهي.
٤- آروهيءَ ۽ امروهيءَ ۾ مڌم ڪومل ۽ ٻيا سڀ سر تيور لڳندا.

ڪافي ٿاٽ سُر (ساري گاما پا ڌي نا سا)

نالو راڳ جو ۽ ڳائڻ جو وقت	جيترن سرن جو آهي (راڳ)	آروهي	سا شڌ	ري ڪومل تيور	گا ڪومل تيور	ما ڪومل تيور	پا شڌ	ڌا ڪومل تيور	ني ڪومل تيور	سا ٽيپ	امروهي	راڳ جي چيز ريت ڪرڻ جهڙي: آروهي	راڳ جي چيز ريت ڪرڻ جهڙي: امروهي	ريمارڪ
ڪافي هر وقت	سمپورن	آروهي	سا	- ري	- گا	- ما	- پا	- ڌا	- ني	سا	امروهي	ساري گاما پا ڌي نا سا.	سا نا ڌي پا ما گا ري سا	ڪي هن راڳ جي تيور نکاد لڳائيندا آهن ۽ ڪي تيور گهٽ ڪندا آهن
		(سمرادي ساوادي پا)	سا	- ري	- گا	- ما	- پا	- ڌا	- ني	سا				
ڀلامبري ٽيهري پهر	کادو سمپورن	آروهي	سا	- ري	- گا	- ما	- پا	-	- ني	سا	امروهي	ساري گاما پا - نا سا	سا نا ڌي پا - ما گا ري سا -	
		(سمرادي ساوادي پا)	سا	- ري	- گا	- ما	- پا	- ڌا	- ني	سا				
ديوساک ٻيهري	اوڙو سمپورن	آروهي	سا	- ري	-	- ما	- پا	-	- ني	سا	امروهي	ساري ما پا نا سا	سا نا ڌي پا ما - گا ري سا -	
		(سمرادي ساوادي ما)	سا	- ري	- گا	- ما	- پا	- ڌا	- ني	سا				
باگيسري ٻيو پهر رات	اوڙو سمپورن	آروهي	سا	-	- گا	- ما	-	- ڌا	- ني	سا	امروهي	سا نا ڌي - نا سا. ما گا - ما ڌي نا سا -	سا نا ڌي ما سا پا ما گا - ري سا -	
		(سمرادي ساوادي ما)	سا	- ري	- گا	- ما	- پا	- ڌا	- ني	سا				
شهانا ٻيو پهر رات	کادو سمپورن	آروهي	سا	- ري	- گا	- ما	- پا	-	- ني	سا	امروهي	ساري گاما پا - نا سا	سا نا ڌي پا - ما پا - گا ما ري سا -	هي آڙانه سان ملي ٿو پر شهانا جي امروهي ۾ ڪري ڌي ريت لڳائڻ سان آڙانه کان ڌار ٿيو آهي -
		(سمرادي ساوادي پا)	سا	- ري	- گا	- ما	- پا	- ڌا	- ني	سا				
برادا رات جو	اوڙو سمپورن	آروهي	سا	- ري	-	- ما	- پا	-	ني	سا	امروهي	ساري ما پا ڌي ني سا	سا نا ڌي پا ڌي ما گا ري گا سا -	
		(سمرادي ساوادي پا)	سا	- ري	- گا	- ما	- پا	- ڌا	- ني	سا				
بندرابني سارنگ ٻيهري	اوڙو	آروهي	سا	- ري	-	- ما	- پا	-	ني	سا	امروهي	ساري ما پا ني سا	سا نا ڌي پا ما ري سا	
		(سمرادي ساوادي ري)	سا	- ري	-	- ما	- پا	-	- ني	سا				
ڌناسري ٽيهري	اوڙو سمپورن	آروهي	سا	-	- گا	- ما	- پا	-	- ني	سا	امروهي	نا سا گاما پا - نا سا	سا نا ڌي پا - ما گا ري سا -	ڪن راڳ جي سنگ ۾ ڌناسري کي ڪافي کان ڌار ڪري ڌي ريت سان ڌي آهي ۽ ڌناسري ٿيندو
		(سمرادي ساوادي پا)	سا	- ري	- گا	- ما	- پا	- ڌا	- ني	سا				
وقت ڳائڻ جو	جيترن سرن جو	آروهي شڌ	سا	ري ڪومل تيور	گا	ما	پا	ڌا	ني	سا	امروهي	راڳ جي چيز هن ريت ڪرڻ جهڙي		ريمارڪ

آساوري ٺاٺ سُر (ساري گاماپاڌاناسا)

نالو راڳ جو ۽ وقت ڳائڻ جو	ڪيترن سُرن جو راڳ آهي	آروهي	سا (شُڌ)	ري (ڪومل تيوّر)	گا (ڪومل تيوّر)	ما (ڪومل تيوّر)	پا (شُڌ)	ڌا (ڪومل تيوّر)	ني (ڪومل تيوّر)	سا (تيپ)	امروهي	راڳ جي چلت ڪرڻ جي: آروهي	راڳ جي چلت ڪرڻ جي: امروهي	ريمارڪ
آساوري، ٻيهر پوڻ ٻه ڏينهن	اوڊو / سمپورن	آروهي	سا	- ري (سموادي)	- -	- ما	پا	- ڌا (وادي)	- -	سا				
			سا	- ري	- گا	- ما	پا	- ڌا	- ني	سا	امروهي	ساري ماپاڌاسا	ساناڌاپاماگاري سا	پنجم ڪانگندا ري ۽ ... هنن سُرن سان معلوم ٿئي ٿي.
درباري، آڌي رات	سمپورن	آروهي	سا	- ري (وادي)	- گا	- ما	پا	- ڌا	- ني (سموادي)	سا				
			سا	- ري	- گا	- ما	پا	- ڌا	- ني	سا	امروهي	نِيا سا. گاري. ماپا. ڌا ناسا.	ساڌاناپا. ماپا. گا. ما. ري سا.	گندار سُر کي آروهي مجبور لاڳو ٿيڻ آهي. ڌا ۽ پنجم جي ميلن سان معلوم ٿئي ٿي.
درباري ڪانڙه، آڌي رات	ڪاڊو	آروهي	سا	- ري (وادي)	- گا	- ما	پا	- -	- ني	سا				
			سا	- ري	- گا	- ما	پا (سموادي)	- -	- ني	سا	امروهي	ناساري. ساپاناسا گاماري سا.	ماپاناسا. ناپاگاماري ساپاناسا.	درباري ۾ ڌا اتي آهي، ۽ درباري ڪانڙه ۾ ڌيوت ڪونه آهي.
آڏانه، آڌي رات	ڪاڊو	آروهي	سا (وادي)	- ري	- -	- ما	پا	- ڌا	- ني	سا				
			سا	- ري	- گا	- ما	پا (سموادي)	- ڌا	- -	سا	امروهي	ساري ماپاڌاناسا	ساڌاپا گاماري سا	هي راڳ تار سپتڪ ۾ ڳائڻ گهرجي. هن ۾ پنجم ۽ گندار ... ڪومل ڌيوت ... ڌيوت ... [illegible]
سُگرائي، رات	ڪاڊو	آروهي	سا (سموادي)	- ري	- گا	- ما	پا (وادي)	- -	- ني	سا				
			سا	- ري	- گا	- ما	پا	- -	- ني	سا	امروهي	نانا پاما. ماپاگاگا ما. ري.	گاگاماري سا.	[illegible]

ڪماج

ڪماج ٺاٺ سُر (ساري گي ماپاڌي ناسا)

ناليو راڳ جو ۽ وقت ڳائڻ جو	ڪيترن سُرن جو راڳ آهي	آروهي	سا	ري		گا		ما		پا	ڌا		ني		سا	اُمروهي	راڳ جي چيز دن ريت ڪرڻ گهرجي		ريمارڪ
			شد	ڪومل	تيور	ڪومل	تيور	ڪومل	تيور	شد	ڪومل	تيور	ڪومل	تيور	تيب		آروهي	اُمروهي	
ڪماج	ڪاڊو	آروهي	سا	—	—	—	گا وادي	ما	—	پ	—	ڏا	ني	ني سموادي	سا				آروهي ۾ ريکب ڪوڙاني مذڪور ۾ ريوت جي سنگت آهي. مڃوس بئي نڪادون آهي.
بيوپهر رات	سمپورن		سا	—	ري	—	گا	ما	—	پا	—	ڏا	ني	—	سا	اُمروهي	ساگي ماپا. ڌاڌي ني سا	ساناڌي. پاماگي ري سا	
	ڪادر	آروهي	سا وادي	—	ري	—	گا وادي	ما	—	پا سموادي	—	—	—	ني	سا				مندرستان جي نڪاد شني ڳيس ني. اُمروهي ۾ ريکب ڪمزور لڳائجي.
تلڪ ڪامود بئي پهر رات	سمپورن		سا	—	ري ڪمزور	—	گا	ما	—	پا	—	ڏا	—	ني	سا	اُمروهي	پاني ساري گي ساري پاني سا	ساناڌي. پاماري گي سا	
	اودو	آروهي	سا سموادي	—	ري	—	—	ما	—	پا وادي	—	ڏا	—	—	سا				
نٽ نارائڻ هر وقت	ڪاڊو		سا	—	ري	—	—	ما	—	پا	—	ڏا	ني	—	سا	اُمروهي	ساري ماپاڌي سا	ساناڌي پاماري سا	
	سمپورن	آروهي	سا	—	ري وادي	گا	گا	ما	—	پا	—	ڏا سموادي	ني	ني	سا				مئي گنڌا اُون ۾ بئي نڪادون لڳائجن مندرستان جي پنجم ڪان مدمستان جي ريکب تاره مينئي هن راڳ جي خاص ناد آهي.
جهنجهوٽي بئي پهر رات			سا	—	ري	گا	—	ما	—	پا	—	ڏا	ني	ني	سا	اُمروهي	ساري ني گاري سا. ڌاڌي پاري گي ماپاني سا	ساناڌي. پاماري گي ري ني سا	
	سمپورن	آروهي	سا	—	ري وادي	—	گا	ما	—	پا	—	ڏا سموادي	—	ني	سا				
جيجيونتي بيوپهر رات			سا	—	ري	گا	—	ما	—	پا	—	ڏا	ني	—	سا	اُمروهي			
	اودو	آروهي	سا	—	ري وادي	—	—	ما	—	پا	—	—	—	ني ڪمزور	سا				هن ۾ سارنگ پرمل آهي پاڻ تارنگ ۾ نڪاد ڪومل آهي هن ۾ بئي نڪادون لڳائبون.
سورٺ بيوپهر رات	ڪادر		سا	—	ري	—	—	ما	—	پا	—	ڏا	ني	—	سا	اُمروهي	ساري مپ ني سا	ساناڌي پاماري سا	
	ڪاڊو	آروهي	سا	—	ري وادي	—	—	ما	—	پا	—	ڏا سموادي	ني	ني زوردار	سا				آروهي ۾ گنڌار ڪرڻ آهي بئي نڪادون لسيرن مگر نڪاد ڪومل ڪمزور هئي نڪاد تيو زوردار هئي.
ديس بيوپهر رات	سمپورن		سا	—	ري	گا	—	ما	—	پا	—	ڏا	ني ڪمزور	—	سا	اُمروهي	ساري ماپا ڌاڌي ني ري سا	ساناڌي پا مگي ري سا	

(1) 'His surs are not the ragas proper. anlibe the classical Rages, Shah Abdual Latif's surs are based on words and of the baits and varis sung in style which is not at all rigidly cassical'.

Jotwani Motilal:
SHAH ABDUL LATIF,
His Life and Work: Delhi,
University of Delhi. 1975, PP. 86-87

(٢) بلوچ، نبي بخش خان: سنڌي موسيقي جي مختصر تاريخ،
شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ثقافتي
مرڪز حيدرآباد 1978

(3) 'It is true that the Raga is the basis of our classical music, but during my recent research in the flok-music of Rajisthan, I found that the word Raga is not entirely of classical music faimly, and the singers in the villages use the names as Gund, malhar. Todi, khamayaci, maru, Asa, mand kafi, and sorath. I therefore came to the conclusion that for each loka-raga, as I call it, there was certain emphasis on certain notes which differentiated it from others" Shanno Khurana: article publiseed in BHARATIYA SANGIT: Vol,1 No. 4, May 1966, PP. 18-19, quoted by Dr. Motilal Jotwani.

۴- آڏارام آسراڻي: رسالو شاعر مقالو راڳ وديا نمبر، جلد ١، حيدرآباد ١٩٥٦ع ص ١٧.

۵- منهنجو بزرگ دوست ۽ عظيم موسيقار قاضي ظهورالحق صاحب، پنڊت صاحب جي معيار بابت لکي ٿو. " هن سلسلي ۾ پنڊت وشنونارائڻ ڀاتکنڊي مرهٽي زبان ۾ اعليٰ پايه جا ڪتاب لکيا. پنڊت جيءَ جي نالي بمبئيءَ ۾ موسيقيءَ جي يونيورسٽي قائم ٿي. هو خود ڪونه ڳائيندو، پر راڳ جو وسيع علم رکندو هو. ڪيترا لکشن گيت به لکيائين. منهنجي ملاقات سائس اللهآباد ۾ ٿي. سندس ڪتاب جو هندي زبان ۾ ٿيو. ان جو اردو ترجمو 'معارف النغمات جي نالي سان ٿيو (جيڪو ٺاڪر نواب علي خان ڪيو). اڳتي هلي ترجمه در ترجمه ۾ هير ڦير ان ڪتاب جي اصليت ختم ڪري ڇڏي". ذسو

رهنماءِ موسيقي، پاڪستان نيشنل ڪائونسل آف آرٽس اسلام آباد، ١٩٧٥ع ص ص ٢٩-٣٠.
٦- منظور نقوي: سنڌي راڳ ۽ تال، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ص ٣٩.
٧- فوٽو سٽيٽ صفحا ۽ ٻيا ضميما پير بخش مغل جي ڪتاب راڳ ساگر، سعيد آرٽ پريس حيدرآباد ١٩٥٥ع جا آهن.
٨- ضميمن ۾ آروهي اوروهي ۽ راڳڻين جو تفصيل جناب قاضي ظهورالحق صاحب جي ڪتاب رهنماءِ موسيقيءَ، تان ورتل آهي.